# جانورن جو بادشاھ

## ڪهاڻيون



# جانورن جو بادشاھ

(ٻارن لاءِ ڪهاڻيون)

ترجمو ۽ ترتيب

خير محمد بلوچ

۽

خالد آزاد وگهيو

نظرثاني

تاج جويو

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ

2001ع

# فهرست


| | |
|---|---|
| ناشر طرفان | 4 |
| جانورن جو بادشاھ | 6 |
| چالاڪ لومڙ | 10 |
| ڪڪڙ، ڪوئي، گڏھ ۽ ٻليءَ جي ڪھاڻي | 15 |
| ڪوٻلو | 20 |

# ناشر طرفان

سنڌي زبان ۾ ٻارن لاءِ مواد جي کوٽ وارو سوال وڏيءَ شدت سان موجود آهي. پر ان کان به اهم سوال اهو آهي ته ڇا موجوده دؤر ۾ سنڌي زبان ۾ لکجندڙ ۽ ٻاراڻن رسالن ۾ ڇپجندڙ مواد سنڌي ٻارڙن جي فطري، نفسياتي ۽ ذهني گُهرجن جو پورائو ڪري ٿو يا نه؟ اڪثر ڏٺو ويو آهي ته لکندڙن، پنهنجي ذهني سطح کي ئي ٻارن جي ذهني سطح سمجهي پئي لکيو آهي، نتيجي طور اهڙو ادب ٻارن ۾ صرف نصيحتن کان سواءِ دلچسپيءَ جو ٻيو ڪو خاص اثر پيدا ڪري نه سگهيو آهي.

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ، سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻاراڻي ادب جي اهميت ۽ ضرورت کي محسوس ڪندي، 'ٻاراڻي ادب' جو باقاعدي هڪ شعبو قائم ڪيو آهي ۽ ان سلسلي ۾ ٻاراڻي ادب جي ترقيءَ لاءِ جوڙيل صلاحڪار ڪاميٽيءَ جي مشورن ۽ صلاحن سان ڪيترين رٿائن تي ڪم هلندڙ آهي. ان سلسلي ۾ 'ٻاراڻي ادب شعبي' طرفان 'مددي تدريسي مواد' (supplementary reading material) طور، ٻارن جي لوڪ آکاڻين جا اهڙا ڪتابڙا تيار ڪيا ويا آهن، جن ۾ نه صرف ٻارڙن لاءِ نصيحت واريون ڳالهيون شامل آهن، پر ساڳئي وقت اُهي آکاڻيون ٻارن لاءِ وندر ۽ ورونهن، تفريح ۽ معلومات به مهيا ڪن ٿيون. هن کان اڳ اٿارٽيءَ، ٻاراڻي ادب جا به ڪتابڙا 'ناني سڦوران' ۽ 'لوليون ٻوليون ٻارن جون' آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ڪراچيءَ جي سهڪار سان (ٻيو ڇاپو) ڇپائي چڪي آهي ۽ هينئر اٿارٽيءَ ٻاران 'جانورن جو بادشاهه' ۽ 'ڏاها پيائر' ڪتاب ڇپايا پيا وڃن، جڏهن ته ٻين به ڪيترن ڪتابن تي ڪم جاري آهي.

سنڌي ٻارڙن کي معلوماتي، تعليمي ۽ تفريحي مواد مهيا ڪرڻ لاءِ جلد ئي ريڊئي تي ٻارڙن لاءِ رڪارڊ ٿيل مشهور گيتن جي ڪئسيٽ ۽ سي ڊي (CD) جاري ڪئي ويندي ۽ اُن سان گڏ اُنهن گيتن جو ڪتابڙو 'دهلي تي ڇٽڪي' عنوان سان ڇپائي پڌرو ڪيو ويندو، جيڪو نصير مرزا سهيڙيو آهي.

ان کان سواءِ شعبي وٽ ٻارن لاءِ هڪ سائنسي ناول 'مريخ جو حملو' ۽ چونڊ گيتن ۽ آکاڻين جا ڪيترا ڪتابڙا تياريءَ هيٺ آهن، جيڪي پڻ جلد ڇپايا ويندا. اها به رٿ جوڙي وئي آهي ته ٻارن لاءِ لکندڙ کان سائنس فڪشن ۽ تفريحي ۽ معلوماتي آکاڻيون لکايون وينديون.

هن ڪتاب، 'جانورن جو بادشاهه' لاءِ اسان جناب امر جليل جا ٿورائتا آهيون، جنهن چلڊرين بڪ پبلشرز ۽ ٻين ادارن جا ڇپايل چيني لوڪ آکاڻين جا انگريزيءَ ۾ لکيل ڪجهه ڪتابڙا، اداري کي تحفي ۾ ڏنا، جن مان ڪجهه آکاڻيون 'چلڊرين بڪ پبلشرز ڪراچي' جي ٿورن سان، ترجمو ڪرائي 'جانورن جو بادشاهه' ڪتابڙو تيار ڪيو ويو آهي. محترم خيرمحمد بلوچ ۽ خالد آزاد وگهيي، هن ڪتابڙي ۾ موجود آکاڻين جو نهايت آسان ٻوليءَ ۾ سنو ترجمو ڪيو آهي، جڏهن ته مواد ۽ ٻوليءَ جي نظر ثاني اداري جي سيڪريٽري محترم تاج جويي ڪئي.

مون کي خاطري آهي ته هي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي ٻاراڻي ادب ۾ بهترين واڌارو ثابت ٿيندو.

حيدرآباد، سنڌ.
1- آڪٽوبر، 2001ع

**پروفيسر ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو**
چيئرمئن
سنڌي ٻولي اٿارٽي

# جانورن جو بادشاھ

هڪڙي ڀيري جهنگ جا ڪيترائي جانور اچي هڪ هنڌ گڏ ٿيا. هنن پاڻ ۾ ويهي صلاح ڪئي تہ اهو ڪهڙو جانور آهي، جنهن کي "جانورن جو بادشاھ" ڪجي ۽ جيڪو سڀني کان وڌيڪ طاقتور ۽ ڏاهو بہ هجي.



گهڻيءَ سوچ ويچار کان پوءِ ڀولڙي چيو: "منهنجي خيال ۾ چيتو اسان جو بادشاھ ٿي سگهي ٿو، ڇو تہ هُو طاقتور، چُست ۽ خوفناڪ آهي؛ ۽ جنهن رستي تان هلندو آهي، اتان ٻيا سڀ جانور ڀڄي ويندا آهن. ان کان سواءِ هُو سيني ۾ ڏاهو پڻ آهي." ڀولڙي جي ڳالھ سڀني کي وڻي، پر لومڙيءَ اعتراض ڪيو. هن چيو تہ "چيتو برابر سگهارو ۽ چُست آهي، پر جانورن جو بادشاھ اُهو ٿئي، جيڪو چيتي کان بہ وڌيڪ طاقتور ۽ عقلمند هجي."

لومڙيءَ جي هن اعتراض سڀني کي منجهائي وڌو.

نيٺ سڀني صلاح ڪري لومڙيءَ کي چيو تہ "تون چيتي ۽ ببرشينهن ڏانهن وڃ ۽ سندن طاقت ۽ ڏاهپ جو امتحان وني اچ. اُنهن مان جيڪو

امتحان ۾ پاس ٿئي، اُن کي ڪٽي "جانورن جو بادشاهه" بڻائجي!"

اها ڳالهه قبول ڪري، لومڙي جهنگ ڏانهن رواني ٿي وئي ۽ رات ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳي.



رات جو جڏهن چوڌاري اونده پکڙجي وئي، تڏهن هن جهنگ مان ٻه ڪُڙڪپيتا هٿ ڪيا، جيڪي بتيءَ وانگر ٻري رهيا هئا. جڏهن اُهي ڪُڙڪپيتا ٻنهي هٿن ۾ جهلي، لومڙي چيتي جي غار وٽ آئي، تڏهن ڇا ڏسي ته چيتو گهريءَ ننڊ ۾ سُتو پيو آهي. اونده هئڻ ڪري لومڙيءَ کي هڪ اٽڪل سُجهي آئي: ڇا ڪيائين جو ٻنهي ڪُڙڪپيتن کي ڌار ڌار پنهنجن چنبن ۾ هڪ ٻئي ڪان پري جهلي، وني زور سان رڙ ڪيائين. سندس اوچتيءَ رڙِ تي چيتو جاڳي پيو، ۽ ڇينگهاڙ ڪري پُڇيائين "ڪير آهين؟"

لومڙيءَ پنهنجو آواز بدلائي، زور سان چوڻ شروع ڪيو: "آءٌ هڪ وڏي خطرناڪ آفت آهيان ۽ سمنڊ جي تري ۾ رهندي آهيان. هي منهنجون اکيون آهن، جيڪي چمڪي رهيون آهن. مون کي ٻين جانورن ٻڌايو آهي ته تون ڏاڍو طاقتور ۽ عقلمند جانور آهين، پر مون کي اعتبار نه ٿو اچي، ان ڪري آءٌ توسان مقابلو ڪرڻ آئي آهيان."

چيتو خاموشيءَ ۽ دپ وِچان لومڙيءَ جون ڳالهيون ٻڌندو رهيو.

لومڙيءَ ٻيهر ڳالهائڻ شروع ڪيو: ”اي ٻِليءَ جا ٻچا! توکي خبر آهي تہ جڏهن آءٌ وڏو ساهُ کڻندي آهيان تہ قدَ ٻُتَ ۾ تيٽي ٿي ويندي آهيان.“

پوءِ لومڙيءَ وڏو ساهہ کنيو ۽ ٻنهي ڪُڙڪٻيتن کي هڪ ٻئي کان گهٽو پري ڪري جهليو، ۽ چوڻ لڳي تہ ”هاڻ آءٌ تمام وڏي آفت ٿي وئي آهيان، ڏس، ڏس! منهنجيون چمڪندڙ اکيون اُن ڪري هڪ ٻئي کان پري ٿي ويون آهن، جو مُنهنجو مٿو تمام وڏو ۽ ويڪرو ٿي ويو آهي.“

چيتي لومڙيءَ کي واقعي وڏي آفت سمجهي ورتو ۽ کيس اچي ڊَپُ ورايو.

لومڙيءَ ڏٺو تہ چيتو ڪانئس ڊِڄي رهيو آهي، ان ڪري ٻيهر رڙ ڪري چيائين: ”هاڻي آءٌ توکي کائيندِيس، چو تہ مون کي ڏاڍي بُک لڳي آهي. آءٌ توکي پُڇ سميت کائڻ گهران ٿي، ۽ تنهنجو هڪڙو وار بہ سلامت نہ ڇڏينديس!“



اهو ٻُڌي چيتي کي اچي اهڙي خوف ورايو، جو غار مان نڪري جهنگ مُنهن ڪري وٺي ڀڳو ۽ اونده ۾ گم ٿي ويو.

اُن کان پوءِ لومڙي جهنگ ڏانهن موٽي وئي ۽ ٻبر شينهن کي ڳولڻ لڳي.

اوچتو هن ڏٺو تہ ٻبرشينهن هڪ وڻ هيٺان ويٺو آهي. هن ساڳيءَ طرح

ڪُڙڪيپتن جون اکيون ناهي، ببر شينهن کي للڪاريو: ”آءٌ آفت آهيان! ڏس، ڏس! وڏي ساهہ ڪڻڻ سان منهنجون اکيون پري هليون ويون آهن.“

اها ڳالهہ ٻڌي ببر شينهَن هڪدم وڏي گجگوڙ ڪئي ۽ واتُ ڦاڙي چيائين، ”جيڪڏهن تنهنجو مٿو وڏو ٿي ويو آهي تہ پوءِ تنهنجيون اکيون وڏيون ڇونہ ٿيون آهن، اُهي تہ ڪڙڪيپتن جهڙيون ننڍڙيون آهن. تون ڪوڙُ ٿي ڳالهائين ۽ مون سان چرچا ٿي ڪرين.“



ائين چئي شينهَن بيهر وڏي گجگوڙ ڪئي ۽ لومڙيءَ کي مارڻ لاءِ اڳتي وڌيو.

لومڙيءَ کي اچي سِرَ سان لڳي، سو ڪُڙڪيپتن مان هٿ ڪڍي، وني جهنگ ڏانهن ڀڳي. جڏهن صبح ٿيو تہ لومڙيءَ سڀني جانورن کي گڏ ڪري، رات واريون سڀ ڳالهيون ٻڌايون تہ ڪيئن چينو هُن کان ڊڄي ويو هو ۽ ببر شينهَن عقلنديءَ کان ڪم ورتو هو. اُن بعد سڀني جانورن گڏيل راءِ سان فيصلو ڪيو تہ ببر شينهن ’جانورن جو بادشاهہ‘ آهي.

ان ڏينهن کان وني اڄ تائين ببرشينهن کي ’جانورن جو بادشاهہ‘ سڏيو ويندو آهي.

( 'ورِ لئنڊ ٽيلس' عنوان هيٺ، چلڊرين بُڪ پبلشرز ڪراچيءَ پاران ڇپايل ڪتابڙي 'The Fox and the king of Animals' تان ترجمو ڪيل)

# چالاڪ لومڙ

هڪڙي ڀيري، هڪ بگھڙ ۽ لومڙ، رستي ويندي ڪنهن جهنگ ۾ مليا. ٻئي هڪ ٻئي کي ڏسي ايڏا تہ خوش ٿيا، جڻ تہ ڪي پُراڻا پڳ مَٽ يارَ هئا. بگھڙُ دُعا سلام ڪان اڳ ئي شڪايتن ۾ پئجي ويو. لومڙَ کي چيائين تہ ”يارَ! آءٌ تہ صفا ڪو بدقسمت آهيان، ڪيترن ئي ڏينهن کان ڪو شڪار ئي هٿ نہ آيو اٿم، ڏاڍو بُکايل آهيان!“



لومڙُ، بگھڙَ جي ڳالهہ ٻُڌي ڏاڍو پريشان ٿيو. بگھڙَ پنهنجي ڳالهہ جاري رکندي چيو، ”جيترٽيڪ پرواري ڳوٺ ۾ شڪارَ لاءِ گھڻو ڪجهہ ملي سگھي ٿو، پر اُني جا ماڻهو ڏاڍا سياڻا آهن، اصل ڪنهن کي ٻہ وَٽُ نہ ڏيندا آهن.“

لومڙَ کي ڪاوڙِ آيي مان ڪڍي چڙيو ۽ مُنهن خراب ڪندي چيائين: ”بگھڙ خان! ماڻهو سيئي سياڻا هوندا آهن، اصل ڳالهہ آهي پنهنجي عقل جي، جيڪڏهن پنهنجيءَ کوپڙيءَ ۾ ڪو عقل ذرو هوندو تہ شڪارُ جامَ“

بگهڙ وراڻيو، ”پوءِ دير ڇاجي؟ هل تہ هلون.“

ٻئي يارَ، روانا ٿيا ڳوٺ ڏانهن، هلندا اچي هڪ نديءَ وٽ پُهتا.



اوچتو بگهڙ جي نظر وڃي هڪ هنج پکيءَ تي پئي، جيڪو نديءَ ۾ ٽٻيون هڻي، موج مان وهنجي رهيو هو. بگهڙ، لومڙ کي چيو، ”پيارا، ڀيريون شڪار اهو ڪبو، ڇو تہ هنج جو گوشت ڏاڍو نرم ۽ لذيذ آهي.“ لومڙ، هنج پکيءَ کي ڏسي پنهنجا چَپَ چٽڻ لڳو ۽ بگهڙ کي چيائين:

”ميان بگهڙ! تون پريان ٻوڙن ۾ لِڪي ويهہ، آءٌ تو هنج کي ڏسان“.

بگهڙ، اتي ئي ٻوڙن ۾ لِڪي ويٺو ۽ لومڙُ، هنج پکيءَ ڏانهن هليو ويو.

”ڪهڙا حالَ اٿئي، منهنجا پيارا هنجَ! ”وهنجڻ مان ڏاڍا پيو مزا وٺين! ؟“ ” لومڙَ، هنج کي سلام ڪري چيو.

هنج پکيءَ، جيڪو پاڻيءَ ۾ ٽٻيون هڻي رهيو هو، مُرڪندي وراڻيو:

”ڀلي ڪري آئين لُومڙ خان! مون تو بابت گهڻو ڪجهہ ٻُڌو آهي، ڪٿي آهي تو وارو دوست بگهڙُ خان! ؟“

لومڙَ جو مُنهن ئي لهي ويو. سوچيائين: پڪ سان هن کي سموري

خبر پئجي وئي آهي. اجا ڪجهہ چوڻ وارو مَس هئو تہ هنج وري چيو: ”پڪ سان تو وارو دوست بگهڙُ خان هتي ڪٿي موجود آهي! ڇا توهان پئي اج



ماڻهن کي بيوقوف بنائڻ نڪتا آهيو!؟“

لومڙَ جا تہ تَرا ئي نڪري ويا. چالاڪيءَ سان ڳالهائيندي چيائين: ”نہ ڀائو هنج! اسان ڇريا ٿيا آهيون، جو تو جهڙي جگري يارَ لاءِ ڪا اهڙي سِٽَ سٽيون! پڪ سان توکي هُن سازولي گدڙَ اها ڄاڻ ڏني آهي. اسان تہ يارَ توسان هڪ صلاح ڪرڻ آيا آهيون.“

لومڙَ جي اٽڪل ڪامياب وئي ۽ هنج پڪي سندس ڳالهيون همدرديءَ سان ٻُڌڻ لڳو. لومڙَ جڏهن ڏٺو تہ هنج هاڻي چڱيءَ طرح ڳالهين ۾ ڦاسي چُڪو آهي تہ چيائين:

”تون بہ سچو آهين يار هنجَ! مون وارو دوست بگهُڙخان، واقعي ڀريان ٻوڙن ۾ لِڪل آهي، پر اصل ۾ هو ڏاڍو ڏڄڻو آهي، اُن ڪري تو جهڙي طاقتور جانور سان ملڻ لاءِ دل نٿو ٻڌي سگهي.“

هنجُ پنهنجي ساراهہ ٻُڌي ويتر لومڙ جو همدرد ٿي پيو ۽ چيائين: ”معاف ڪجانءِ يار لومڙ! مون هريرو هُن سازولي گدڙَ جي ڳالهين تي لڳي اوهان ٻنهي تي شڪُ ڪيو. هاڻي ٻڌاءِ تہ مون کان ڪهڙي صلاح وٺڻ آيو آهين!“

لومڙُ پنهنجيءَ چالِ ۾ مڪمل ڪامياب ٿي چُڪو هو، تنهن چيو: ”ها دوست هنج خان! اسان توڪان رڳو اهو پُڇڻ آيا هئاسين ته، جهنگ جا ٻيا سڀ جانور، تنهنجن کنڀن جي تمام گهڻي تعريف ڪن ٿا ۽ چون ٿا ته بگهڙُ ۽ لومڙُ، هنج جي پرن جي چادر تي آرام سان ننڊ ڪري سگهن ٿا، ڇا اها ڳالهه سچي آهي!؟

هنجُ، پنهنجي تعريف ٻڌي تمام گهڻو خوش ٿيو ۽ چيائين: ”ها! اها ڳالهه بلڪل سچي آهي، ڇوته منهنجا پَرَ ڏاڍا نرم ۽ خوبصورت آهن.“

تنهن تي لومڙَ يڪدم وراڻيو:



”ها پر يارَ هنج خان، مون وارو دوست بگهڙُ اها ڳالهه اصل مڃي ئي ڪونه ٿو“

هنجَ کي ڪاوڙ اچي وئي؛ چيائين:

”ڪيس ٻڌائي ڇڏ ته بگهڙُ منهنجي هڪڙي پَرَ جي به برابر نه آهي.“

لومڙَ وجهه تاڙي چيو: ”ادا آءٌ ته بيشڪ اها ڳالهه هُن کي ٻڌائيندس، پر جي تون پنهنجو هڪ پَرُ پٽي مون کي ڏيندين ته آءٌ اهو بگهڙ کي ڏيکاري حقيقت کان واقف ڪري سگهندس!“

هنجُ، هڻي لومڙَ جي چالِ ۾ مڪمل طرح ڦاسي چُڪو هو، تنهن

چيو: ”ها ادا بلڪل! ان ۾ ڀلا ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي. آءٌ پنهنجي پُڇ مان هڪ پَرُ ڀڃي توکي ڏيان ٿو، پوءِ تہ بگهڙ کي پڪ ٿيندي، نہ تہ منهنجا پَرَ ڪيڏا نہ نرم ۽ قيمتي آهن!“

اهو چئي، هنج پاڻيءَ مان نڪري، ڪناري طرف اچڻ لڳو. لومڙ وجهہ تاڙيو بيٺو هو. بس، جيئن ئي هنج ڪناري تي آيو، لومڙ دير ئي نہ ڪئي، جهٽ هڻي هنج کي ڪٽي سوگهو ڪيائين. هنج ويچاري گهڻيون ئي دانهون ڪُوڪون ڪيون، پر لومڙ بنا دير جي هڙپ ڪري ڇڏيس.

هوڏانهن بگهڙ اها سڄي ماجرا ڏسي رهيو هو، سو پنهنجي حصي لاءِ لومڙ ڏانهن ڀڳو تہ لومڙ چيس: ”پيارا دوست بگهڙ خان! ڏٺئي منهنجي سياڻپ! اهو طريقو اٿئي شڪار ڪرڻ جو. ياد رک توکي ڪو شڪار ملي، پوءِ اهو ڪيڏو بہ سياڻو ڇو نہ هُجي، پر تون ان کان بہ وڌيڪ چالاڪ ٿيندين، تڏهن ئي ڪيس حاصل ڪري سگهندين.“

چالاڪ لومڙُ ائين چئي وني جهنگ مُنهن ڪيو ۽ بگهڙُ ڀڄناءَ جا هٿ مهٽيندو رهجي ويو.

( ’وڊ لئنڊ ٽئلس‘ (Woodland Tales) عنوان هيٺ، چلڊرين بڪ پبلشرز ڪراچيءَ طرفان ڇپايل آڪاڻي- ڪتاب "The wolf, The fox and the Goose" جو ترجمو)

# ڪڪڙ، ڪتي، گڏهه ۽ ٻليءَ جي ڪهاڻي

گهڻو گهڻو وقت اڳي، هماليه جي پهاڙين ۾ هڪ گڏهه رهندو هو، جنهن جو نالو 'گولو گڏهه' هو. سندس ڪَن ڏکيا ۽ پُورا هُئا ۽ وٽس هڪ گِٽار هوندي هئي، جنهن کي هر وقت پيو وڄائيندو هو.



هڪ ڏينهن 'گولي گڏهه' سوچيو ته هاڻي گٽار وڄائي وڄائي، دل ئي ڪچي ٿي پئي آهي، ڪو ڍنگَ جو ڪم ڪجي؛ جنهن لاءِ شهر وڃي ڪا نوڪري ڪرڻ کپي. اهو سوچي هڪ ڏينهن 'گولي گڏهه' ڪٽي شهر ڏانهن رُخ رکيو. پنهنجي گٽار به گڏ کنيائين ۽ شهر ڏانهن هلندو ويو. رستي تي ڪيس هڪ ڪُتو مليو، جنهن جو نالو "موتي" هو. موتي ڪُتو 'ڦرٽي ڪرسيءَ' تي ويٺو آيو ۽ سندس جهوليءَ ۾ هڪ

ڏُهل هو. گولي گڏھ، موتيءَ کي سلام ڪيو ۽ چيو:

”يار موتي! منهنجو نالو گولو آهي ۽ آءٌ گِٽار وڄائيندو آهيان، وڃان پيو شهر ڏانهن، مَنَ ڪو روزگار ملي پوي.“ موتيءَ، گڏھ کي چيو: ”ڀلي آئين ڀائو! آءٌ پڻ هن دنيا ۾ اڪيلو آهيان، نه اوهي نه واهي، بس هيءُ ڏُهل آهي، جنهن کي وڄائي پيو وقت گُذاريندو آهيان!“

گڏھ وراڻيس: ”پوءِ دير ڇاجي! هل ته هلون شهر، جتي تون وڄائجان ڏُهل ۽ آءٌ وڄائيندس گِٽار. ائين پيو وقت گذرندو.“

موتيءَ به ڪٽي هائوڪار ڪئي ۽ ٻئي دوست گڏجي شهر ڏانهن هليا. رستي تي کين هڪ ٻِلي ملي، جنهن جو نالو ”ٽِمي ٻلي“ هو. ٻليءَ جي نظر ٻنهه گهٽ هئي، تنهنڪري کيس عينڪ پاتل هئي. گڏھ ۽ ڪتي، ٻليءَ کي سلام ڪيو ۽ چيو:

”ڪيڏانهن نڪتي آهين، مائي ٻلي!؟“



ٻليءَ وراڻيو: ”يائرو! منهنجي نظر ٻنهه گهٽ آهي، اُن ڪري ڪو ڪم ڪار نٿي ڪري سگهان: پر منهنجو آواز ڏاڍو پيارو آهي، اُن ڪري جڏهن به ڪو گيت

جهونگاربندي آهيان تہ جهنگ جا سمورا جانور اچي گڏ ٿيندا آهن!"

ڪُتو ۽ گڏهہ ڏاڍا خوش ٿيا ۽ ٻليءَ کي چيائون:

"مائي ٻلي! اِهو تہ ڏاڍو سُٺو جو تون ڳائيندي آهين؛ پوءِ دير ڇا جي!؟ هل تہ شهر هلون ۽ ڳائڻ جو ٽولو ناهي پيٽ پُوجا جو ٻِلو ڪريون!"

ٻليءَ بہ خوشيءَ مان هائوڪار ڪئي ۽ ٽئي ڄڻا گڏجي شهر ڏانهن روانا ٿيا. اڃا ٿورو اڳتي هليا تہ ڪين هڪ ڪُڪڙُ نظر آيو، جنهن جو نالو 'قلڻ خان' هو. گڏهہ، ڪُتي ۽ ٻليءَ، قلڻ خان کي سلام ڪيو ۽ چيو:

"ياڻو قلڻ خان! ڏي خبر، ڪيڏانهن نڪتو آهين؟"

ڪُڪڙَ چيو: "دوستو، مون سڄيءَ زندگي ڪُڏيءَ ۾ گذاري آهي، هاڻي بيزار ٿي پيو آهيان، دل چوي ٿي تہ ڪو ڪم ڪارُ ڪريان، هونئن آءٌ نچڻ جو اصل ڪاريگر آهيان!"



گڏهُ، ڪُتو ۽ ٻلي ڏاڍا خوش ٿيا. ڪُتي، ڪُڪڙَ کي چيو: "اِهو تہ ڏاڍو سٺو! پوءِ دير نہ ڪر، هل تہ پاڻ سڀئي گڏجي شهر ۾ راڳ رنگ جي محفل مچايون ۽ خوب ناڻو ڪمايون!"

ڦُلڻ خان بہ خوشيءَ سان هائوڪار ڪئي ۽ چار ئي ڄڻا هلندا وڃي شهر پُهتا.

شهر پهچندي ڪين رات ٿي وئي. پاڻ ۾ صلاح ڪيائون تہ رات ڪنهن هنڌ تي گذاري، صبح کان روزگار جي ڳولا ڪجي. اِهو سوچي چار ئي ڄڻا ڪا جاءِ ڏسڻ لاءِ شهر ۾ نڪري پيا. هلندي هلندي، هڪ هنڌ ڏنائون تہ هائو بيلي، هڪڙو پراڻو گهرُ خالي پيو آهي. پاڻ ۾ صلاح ڪيائون تہ پهرين اها جاچ ڪجي تہ اُن گهرَ ۾ ڪير رهي تہ ڪونہ ٿو. ان مقصد لاءِ ڦُلڻ ڪُڪڙُ پڙڪو ڏئي دريءَ تي چڙهي ويو. دريءَ مان اندر ڏنائين تہ چار چورَ ڦُريل پئسا، سونُ، چانديءَ ۽ ٻيو سامان هڪ ٻئي ۾ پيا ونڊين ۽ وِرهائين. ڪُڪڙُ پڙڪو ڏيئي هيٺ لٿو ۽ اچي سموري ڳالهہ ساٿين کي ٻڌايائين. سيني سوچيو تہ هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي!؟ نيٺ سيني اهو فيصلو ڪيو تہ پيا سڀ پنهنجا پنهنجا سازَ وڄائين ۽ ٻلي ڳائڻ شروع ڪري. اهڙيءَ طرح پاڙي وارا ماڻهو سجاڳ ٿي پوندا ۽ چورَ بہ جهلجي پوندا. اِهو سوچي گڏهہ پنهنجي گتار ڪلهي تان لاٿي؛ ڪُتي ڍُهلَ تي ڏسُ هنيو؛ ڪُڪڙَ، نچڻ لاءِ پنهنجن پرن کي ڦڙڪايو، ۽ ٻليءَ ڪنگهڪار ڪري نڙي صاف ڪئي.

سڀ کان پهرينءَ تِميءَ ڪَنَ تي هٿُ رکي، راڳ ڳائڻ شروع ڪيو ۽ پوءِ گڏهہ گتارَ ۽ ڪُتي ڍهلُ وڄائڻ شروع ڪيو، جڏهن تہ ڪُڪڙَ وني ڦڙڪيون هنيون! آڌيءَ رات جو ڳائڻ جو آواز ٻڌي، پاڙي وارا ٻاهر نڪري آيا، جڏهن تہ چورَ بہ، اهڙو عجيب لقاءُ ڏسي ٻاهر نڪري آيا. گڏهہ هينگَ

ڪري سڄي ڳالهہ ماڻهن کي ٻڌائي ۽ ماڻهن چورن کي جهلي ورتو. پوءِ سمورو مال ۽ ملڪيت، مالڪن کي واپس پهچايو ويو. سڀني ماڻهن ڪُڪڙَ، ڪُتي، گڏهَ ۽ ٻليءَ جو شڪريو ادا ڪيو. شهر جي عملدارَ، هنن چئني ڄڻن کي اُها جڳهہ مُفت ۾ ڏئي ڇڏي، جنهن ۾ هو چارئي ڄڻا هميشہ لاءِ مزي سان رهڻ لڳا.



ڪالهہ ٻہ ڏِنوسين تہ چارئي دوست شهر جي وچ ۾ پنهنجي محفل مچايو وينا هئا.

(مصنف جيڪب ۽ وليم گرم جي لکيل آکاڻي، هيري الارڊ پاران ٻڌايل ۽ ڪتاب "Glod to Meet you" ۾ ڇپيل، انگريزيءَ تان ترجمو ڪئي وئي)

# ڪوبلو

موسي واڍي ڪاٺ جو گُڏو ٺاهڻ لاءِ جيئن ئي ڪاٺ کي وڍڻ شروع ڪيو تہ اندران آواز آيو: ”ٻيلي! مون کي نہ وڍ!“ موسي واڍي عجب مان هيڏانهن هوڏانهن نهاريو، پر ڪيس ڪوبہ نظر نہ آيو. هُو ٻيهر پنهنجي ڪم ۾ جُنبي ويو. جڏهن هُن گُڏي جون اکيون ٺاهيون، تہ اُهي ڦرڻ لڳيون؛



جڏهن گُڏي جو وات ٺاهيائين تہ اهو کِلڻ لڳو، ۽ جڏهن هن گُڏي جا پيرَ ٺاهيا تہ اُهي هلڻ لڳا.

موسي واڍي کي ڏاڍو عجب لڳو. جڏهن هن گُڏي کي سَڏُ ڪيو تہ گُڏو شرارت ۽ حرڪتون ڪرڻ لڳو. تڏهن واڍي کيس چيو ”تون تہ بنهہ ڪو ٻار آهين.“

پوءِ هن گُڏي جو نالو ڪٽي ’ڪوبلو گُڏو‘ رکيو.

موسي واڍي جڏهن ڪوبلي گُڏي کي هلڻ ۽ ڊوڙڻ سيکاريو تہ حرڪتي گُڏو، گهٽيءَ ڏانهن ڀڄي ويو. واڍو سندس پويان لڳو تہ هو ڊوڙندو روڊ ڏانهن هليو ويو. هڪ پوليس واري کي شَڪُ پيو تہ ڪوبلي کا شيءِ چورائي آهي، سو هن کي جهلي وڃي جيل ۾ بند ڪيائين. ڪوبلي روئڻ شروع ڪيو

تہ پوليس واري کيس چڙي ڏنو. هو موٽي گهر آيو. رستي ۾ کيس هڪ



ڪبوتَرُ گڏيو. ڪبوتَرَ کيس چيو "جيڪي ڇوڪرا پَڃي ويندا آهن، اُهي پڇاڙيءَ جو ڏاڏا ڏکيا ٿيندا آهن." ڪوبلي کي اها ڳالهہ نہ وڻي تہ هن پٿَرُ هڻي ڪبوتَرَ کي پَڃائي ڪڍيو.

ڪوبلي کي ڏاڍي بُکَ لڳي هئي. گهرَ ۾ گهڙي موسي واڊي کي ڏاڍا سَڏَ ڪيائين، پر هو گهرَ ۾ ڪونہ هو. پوءِ هو باهِ جي پَرِ ۾ ڪُرسي رکي ويهي رهيو. ويٺي ويٺي هن کي ننڊ اچي وئي. ڪجهہ دير کان پوءِ موسي واڊي دَرُ کڙڪايو. ڪوبلي اٿي دَرُ کوليو ۽ در کُلڻ سان ئي پَٽَ تي ڪِري پيو. هن موسي واڊي کي ٻڌايو تہ "باهِ ۾ منهنجا پير سڙي پيا آهن." موسي واڊي کيس چيو، "تون پرواهہ نہ ڪر، آءٌ تنهنجا نوان پير ناهيندس. پر اڳ ۾ تون ماني کاءُ"! پوءِ ڪوبلي ماني کاڌي ۽ موسي واڊي سندس پيرَ ٺاهيا. ڪوبلو

پنهنجا نوان پيرَ ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين: ”آءٌ پڙهندس، مون کي پڙهڻ لاءِ ڪتاب وٺي ڏي“. موسي واڊي وٽ پئسا ڪونہ هئا، سو هن پنهنجو



ڪوٽُ وڪڻي ڪيس ڪتاب وٺي ڏنا.

ٻئي ڏينهن ڪوبلو اسڪول ويو. واٽ تہ پُتلين جو تماشو لڳو پيو هو، سندس دل چيو تہ 'آءٌ بہ تماشو ڏسان' ، پر وٽس پئسا ڪونہ هئا، سو هن پنهنجا ڪتاب وڪڻي ٽڪيٽَ خريد ڪئي ۽ تماشو ڏسڻ شروع ڪيائين.ڪيس تماشو ڏاڍو وڻيو.

جڏهن سڀ ماڻهو هليا ويا تہ ڪوبلو پُتلين واري وٽ ويو ۽ چيائين 'مون کي پاڻ سان گڏ وٺي هل، آءٌ تماشو سکڻ چاهيان ٿو.' پُتلين وارو ڪيس وٺي ٻئي شهر ڏانهن هليو ويو. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ ڪوبلي کي موسو واڍو ياد آيو. هن پُتلين واري کي چيو، ”آءٌ واپس وڃڻ چاهيان ٿو.“ پتلين واري ڪيس پنج سونا سِڪا ڏنا.

واپس ويندي ڪوبلي کي واٽ تي لومڙي ۽ گدڙُ گڏيا، جن کي ڏسي هو دانهون ڪرڻ لڳو. سندس دانهُن تي اوچتو هڪ 'پري' ظاهر ٿي. پريءَ ڪانئس پڇيو، ”تون ڇو ٿو روئين؟“ هن وراڻيو، ”لومڙي ۽ گدڙ منهنجا سونا سِڪا چوري ڪري ويا آهن“. اصل ۾ اهي سونا سڪا چوري نہ ٿيا

هئا ، اُهي تہ سندس ڪيسي ۾ پيا هئا. هن ڪوڙُ ڳالهايو هو، ڪوڙ ڳالهائڻ جي ڪري ڪوبلي جو نڪُ وڌڻ لڳو. سندس نڪ ايڏو وڏو ۽ ڳرو ٿي پيو، جو هاٿي هُو هلي بہ نہ پئي سگهيو. هو وري روئڻ لڳو. رحمدل پريءَ کي مٿس رحم اچي ويو، ان ڪري هن ڪاٺ - ڪُتن کي سڏ ڪيو، جن ٺونگا هڻي ڪوبلي جو نڪ صحيح ڪري ڇڏيو. هن پريءَ جا ٿورا مڃيا ۽ سلامُ ڪري گهر ڏانهن روانو ٿيو.



درياهَ جي ڪناري تي هڪڙيءَ بدڪَ ڪوبلي کي ٻڌايو تہ، موسي واڊي کي هن درياهہ جي هڪ وڏي مڇي کائي وئي آهي. ڪوبلي کي ڏاڍو ڏک ٿيو. پوءِ هو هڪ ٻيڙيءَ ۾ چڙهي، اُن مڇيءَ کي ڳولڻ لڳو. اوچتو اچي اهڙو طوفان لڳو، جنهن ٻيڙيءَ کي ڪٽي وڃي هڪ رانديڪن جي ملڪ ۾ ڇڏيو. رانديڪن جي ملڪ جا ماڻهو ايڏا سُسُت هئا، جو اهي سڀ گڏهَ ٿي پيا هئا.

ڪوبلي اهڙو لقاءُ ڏسي ڪيس چيو: "آءُ گڏهہ ڪونہ ٿيندس، آءُ تہ پڙهندس ۽ سنو ڇوڪر ٿيندس." پر رولاڪ ڇوڪرن سان راند ڪيڏڻ ڪري

ڪوبلو گڏهُ ٿي پيو، جنھن کيس سرڪس وارا ڪٺي ويا. هڪ ڏينهن ڪوبلي کي سرڪس ۾ ڏڪُ لڳو ۽ هو منڊو ٿي پيو. سرڪس وارا کيس ڪٺي درياهَ ۾ اڇلائي آيا. درياهه جي وڏي مڇي ڪوبلي کي کائي وئي. مڇيءَ جي پيٽ ۾ هن کي موسو واڊو مليو. واڊي کيس چيو ”جنهن مهل مڇي



سُمهندي تہ پاڻ ٻئي هتان ڀڄي هلنداسين“ . جڏهن رات جو مڇي سُمهي رهي تہ هو ٻئي تري مڇي جي پيٽ مان ٻاهر نڪري آيا. پريءَ کين ڪٺي درياهہ جي ڪناري تي پهچايو. جتي ڪوبلي چيو: ”هاڻي آءٌ ڪڏهن بہ شرارت نہ ڪندس“ . هن موسي واڊي کان معافي گُهري. پريءَ کي سندس اها ڳالهہ ڏاڍي وڻي ۽ هن ڪوبلي کي سچ پچ ۾ ڇوڪرو ٺاهي ڇڏيو. ان کان پوءِ ڪوبلو اسڪول وڃڻ لڳو ۽ وري ڪڏهن بہ شرارت نہ ڪيائين.

(چلڊرين بڪ پبلشرس ڪراچيءَ طرفان ڇپايل آڪاڻي، ڪتاب 'PINOCCHIO' جو آزاد ترجمو)

# پڙھندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ٺئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڳُڙ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسُل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي ڪي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهڻ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن ڪي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي چوي، چاﻻءِ ۽ ڪينئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين تا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪِي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)